# پارن لاء بائبل
تحفو



## باهه جو
## ماڻهو

لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: E. Frischbutter

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توهان ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

اسرائيل لاءِ سپ ڪجهه خراب نظر آيو. بادشاهه ۽ راڻي خُدا کان نفرت ڪندا هئا. ڪهڙو خراب مثال آهي! جلد ئي ماڻهن به خُدا کان نفرت ڪئي ۽ ڪوڙي ديوتا جي پوڄا ڪرڻ لڳا. ڇا ڪنهن کي خُدا سان پيار آهي؟ ها، ڪجهه وفادار پرستار هئا. هڪ ڏينهن، خُدا انهن مان هڪ ايلياه نالي سان ڳالهائيندو آهي.



ايلياه بدڪار بادشاھ اخي
آب کي چيو، "جيئن
خُداوند بني اسرائيل جي
خُدا جيئرو آهي، انهن
سالن ۾ نه ماڪ ۽ نه
مينهن ٿيندو، سواء
منهنجي چوڻ جي."
مطلب ته ڏڪار! خُدا
پنهنجي قوم بني اسرائيل
کي انهن جي بچڙائي ۾
وڃڻ نه ڏيندو.





بادشاهه کي
خبردار ڪرڻ کان
پوءِ، خُدا ايلياه کي
ملڪ ۾ هڪ
پُرسڪون جاءِ
تي موڪليو. اتي، هڪ نديءَ وٽ، ايلياه انتظار ڪيو.
خُدا ڪيس کارائڻ لاءِ ڪانگ موڪليا. ۽ صبح ۽ شام ماني
ڪٽي آيا. ۽ ايلياه پاڻي نديء مان پيتو.



جلد ئي ندي سڪي وئي، چاڪاڻ ته اجا تائين ان زمين ۾ مينهن نه پيو هو. خُدا جو ڪلام سچ اچي رهيو هو. سجي ملڪ ۾ پاڻي جي ڪوٺ هئي. فصل نه پوڪيندا آهن. ماڻهو بک مرندا هئا. ايلياه شايد حيران ٿي ويو هجي ته هاڻي هن جو چا ٿيندوچو جو پاڻي هليو ويو هو.

خُدا ايلياه کي چيو، "اُٿ، صارپت ڏانهن وڃ ۽ اتي رهه، ڏسو، مون هڪڙي بيواهه کي حڪم ڏنو آهي ته تو کي رزق ڏي." خُدا پنهنجي ٻانهن جي ضرورتن کي ڄاڻي ٿو. پر مهيا ڪرڻ ڪهڙو عجيب طريقو آهي. عاجزي سان، ايلياه خُدا جي فرمانبرداري



ڪئي. جڏهن هو صارپت ڏانهن پهتو، تڏهن رن زال شهر جي دروازن تي ڪاٺيون گڏ ڪري رهي هئي.

"مون کي ٿانوَ ۾ ٿورو پاڻي
ڏي ته مان پيئان،" ايلياه
عورت کي چيو. "بس
منهنجي لاءِ پنهنجي
هٿ ۾ مانيءَ جو
هڪ ٽڪرو وٺي
اچ."

"مون وٽ ماني
ناهي،" بيواهه جواب ڏنو.
"هڪڙي مٺ ۾ اٽي جي
مُٺ آهي ۽ ڪُپي ۾ ٿورو
تيل آهي". افسوس سان ان
عورت نبيءَ کي ٻڌايو ته
جڏهن اهو ختم ٿيندو ته
هوءَ ۽
سندس
پٽ بک سان
مري ويندا.



"ٻڌ نه، پهرين مون کي ان مان هڪ ننڍڙي ماني پچائي مون وٽ کڻي اچ ، ۽ پوءِ ڪجهه پنهنجي ۽ پنهنجي پٽ لاءِ ٺاهي،" ايلياه چيو. "جنهن ڏينهن خُداوند زمين تي مينهن نہ وجهي، تيستائين نه اٽي جو مٽ کٽو، نکي تيل جي ڪُپي کٽندي." خُدا کي ان لاءِ کو معجزو ڪرڻو پوندو. ۽ هن ڪيو! عورت ۽ سندس پٽ ڪيترائي ڏينهن کائيندا رهيا، پر نه اٽي جو مٽ پورو ٿيو ۽ نه تيل جي ڪُپي سڪي.



ايلياه انهن سان گڏ رهندو هو. هڪ ڏينهن افسوسناڪ واقعو ٿيو. بيواهه جو پٽ مري ويو. ايلياه ڇوڪر جي لاش کي هڪ مٿئين ڪمري ڏانهن وٺي ويو.



هن خُداوند تعاليٰ کي رڙ ڪري چيو، "اي منهنجا خُدا، منهنجي دعا آهي ته هن ٻار جو روح هن ڏانهن واپس اچي." ڪهڙي ناممڪن دعا آهي!

خُداوند ايلياه جو آواز ٻڌو ۽ ٻار جو روح ڪيس واپس آيو، ۽
هو جيئرو ٿي ويو. جڏهن ايلياه ٻار کي ورتو ۽ هن کي پنهنجي
ماءُ کي ڏنو ته هن چيو ته "هاڻي هن
جي ذريعي مون کي خبرپيجي وي
آهي ته تون مردِ خُدا آهين،
خُداوند تعاليٰ جو ڪلام
تنهنجي وات ۾
سچ آهي."



ٽن سالن کان پوء، خُدا ايلياه کي بادشاهه ڏانهن واپس موڪليو، ته پيدائيس "مان زمين تي مينهن موڪليندس." اخي آب ڏانهن وڃو؟
هن جي زال ايزبل اڳ ۾ ئي خُدا جي سئو نبين کي قتل ڪيو هو. پر ايلياه بحث نه ڪيو. هو بادشاهه اخي آب وٽ ويو.





جڏهن اهي به ماڻهو مليا،
ايلياه اخي آب کي للڪاريو
ته سڀني بني اسرائيلن ۽ اٺ
سئو پنجاهه ڪوڙن نبين
کي ۽ هڪڙي جڳهه تي
جنهن کي ڪرمل جبل
سڏيو ويندو آهي گڏ ڪرڻ
لاء چيو. ايليا ماڻهن سان
ڳالهايو. "جيڪڏهن
خُداوند خُدا آهي، ته
هن جي پيروي
ڪريو."

ايلياه به ٻيڳا قرباني طورلاءَ تيار ڪياءَ. پر انهن کي روشن ڪرڻ لاءِ ڪا به باهه نه هئي. "هن چيو. ۽ تون پنهنجن معبودن جي نالي سان سڏيندي، ۽ مان خُداوند جي نالي تي سڏيندس، جيڪو باهه سان جواب ڏئي ٿو، اهو خُدا آهي." "اها ڳالهه سٺي آهي،" ماڻهن جواب ڏنو.



صبح کان شام تائين ڪوڙا نبي پنهنجن ڪوڙن معبودن کي سڏيندا رهئا. اهي ٽپو ڏنائون ۽ نچندا رهيا ۽ پاڻ کي چاقو سان ڪٽيو جيستائين اهي رت نه وهي. پر ڪا به باهه نه آئي.





پوءِ ايلياه مذبع ۽ ڪاٺين
تي پاڻيءَ چنڊايو، ۽ دعا
ڪئي. "اي خُداوند، مون
کي ٻڌ، ته هي ماڻهو ڄاڻين
ته تون ئي خُداوند خُدا
آهين..." پوءِ خُداوند تعاليٰ
جي باهه ٻري وئي. اهو
سوختني قرباني ۽ ڪاٺ
کي ساڙي ڇڏيو. پوءِ ان
پٿر جي قربانگاهه
کي ساڙي ڇڏيو!



جڏهن ماڻهن اهو ڏٺو تڏهن رڙ ڪيائون ته
"خُداوند، اهو خُدا آهي!" ۽ ايلياه چيو، "بعل
جي نبين کي پڪڙيو، انهن مان هڪڙي کي
به ڀڄڻ نه ڏيجو!" ايلياه اُهو ڪيو جيڪو
بادشاهه اخي آب گهڻو اڳ ۾ ڪيو هو.
هن سڀئي
ڪوڙي نبين کي قتل
ڪرايو هو.

پوءِ خُدا جي ٻانهي اخي آب
کي ٻڌايو ته مينهن واٺ تي
پيو آهي. جلد ئي هڪ ننڍڙو
ڪڪر ظاهر ٿيو. ڇاهه برسات پوندي؟
ٽن سالن کان وڌيڪ خطرناڪ ڏڪار
کان پوءِ؟





ٿوريءَ دير ۾ آسمان
ڪڪر ۽ واءُ سان
ڪارا ٿي ويا ۽ تيز
برسات پئي. خُدا بارش
موڪلي. خُدا ماڻهن کي
ڏيکاريو ته ايلياه انهن
کي سچ ٻڌائي رهيو هو.
خُدا ظاهر ڪيو ته هو
اڪيلو سچو خُدا آهي.



توهان چا سوچيوٿا ته بادشاهه
اخي آب خُدا ۽ سندس خادم
ايلياه جي عزت ڪندو؟ نه!
حقيقت ۾، ايزيبل ايلياه کي
مارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر
هو پڇي ويو. آخر ۾، اخي آب
جنگ ۾ مارجي ويو ۽
نوڪرن ايزبل کي محلات ۾
هڪ بلند پٽ کان ڌڪايو
ماري ڇڏيو. هوءَ هيٺان پٿرن
تي ڪري پاش پاش ٿي وئي.



ايلياه کي ڇا ٿيو؟ هڪ ڏينهن
خُدا باه جي گهوڙن سان گڏ باه جو
رٿ موڪليو. ۽ خُدا جو ٻانون ايلياه
تشبي، باه واري ماٺهو سان مٿي،
آسمان ڏانهن هليوويو.

باهه جو ماڻهو

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

١ سلاطين ١٧ ـ ١٩، ٢ سلاطين ٢

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڏيٿئي."
زبور 119: 130

ختم

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۤ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاءِ مري ويوۤ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءَ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.